
سندري سنسار

ضليب



بورشتي

سندري سپنا ۽ صليب

(شاعري)



پون سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مالڪي جا اختيار هٿيڪا

ڪتاب: سندري سپنا ۽ صليب.
شاعر: پون سنڌي.
بابت شاعري.
ڇاپو: پهريون.
سال: فيبروري ۱۹۸۶ع
ڪاڊيتو: هڪ هزار
ٽائيٽل ڪور ڊزائين: فتاح هاليپوٽو
ڪمپليگرافي:
ڇپائيندڙ: جوين پبليڪيشن حيدرآباد.
ڇپيندڙ: الائيڊ پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ فون ۲۳۴۲۳
ملهه: پندرهن روپيه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

ماڻهو ماڻي ۾ مڙي،
انسان ارپيو جيون،
جاڻي اوهان لڙ.

پون سنڈي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاد نظم

ٹیڑو

ترائیل

چٹونکے

قطعا

بیت

وایون

غزل

گیت

نظم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپنن جي ساڃيا لاءِ

هونئن هي سماج،
ڪتي ٿو،
پيار ڏي ڪرڙ.
بن دلين کي،
پاڻ ۾ —
ڪتي ٿو،
ڏي ملڻ.
تڏهين تہ مان،
ڪڏهين ڪڏهين،
سوچيندو آهيان،
ڪاش!
مان بہ جيڪر —
پانڌا پائيندڙ،
پار هجان.
۽ پانڌا پائيندي پائيندي،
تنهنجي جسم کي
پوان ڇهڻي!

فاصلا

تون ۽ مان،
ائين جيئن —
پور وچوٽيون ليکون،
گڏ هلون پيا،
ڪڏهن نہ ملنداسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي جي يڪسانيت تي

تون پڇيو: زندگي؟
مون چيو: گذري پئي،
بي بحر وزن،
بنان قافيئي ردیف.



جيون جو راز

هي جي ماڻهو،
روز مرن ٿا،
هڪ ٻئي جي پويان.
ڪنهن به سوچيو ناهي،
جيڪر سوچين!
ڪونہ مرين.



آن جڳاڊ جو شاعر

پڇين ٿو:
مان ڪڏهن ڪان شاعر؟
شايد توکي،
جنم ڏينهن منهنجي جي،
ناهي خبر!



رات جي ڪک ۾

ڪاري رات آماس،
موت جيان گهري سانت،
جڏ گهمي ويو آ راکاس!
پوءِ به سندس ڪک ۾،
پيو پلجي —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوئي نئون اتهاس.

وساري نہ سگھندين

اسي سالي ڪانڊ سان،
گڏ گھاريندي ـــ
ايندي هوندڻي منهنجي ياد!
ڏڏهن پتو رٿيٽو تنهنجو؛
پوندو هوندو ڏٺي.

اڃ مٽ چٽ

ڪا ڪا روپ - ورتي،
لهيو وڃي من مر،
ايئن جيئن ـــ
ڪوري ڪاگر،
تي ڪو چٽ!

رندي

چڪلي مان،
آڻڻ وقت ـ
ڏهين جو نوٽ وڌائي
چيم:
هان وٺ رندي،
تنهنجي پورهيٽي جو ملهه.
چيائين:
رندي نہ چئو،
مان تنهنجي مظلوم ٻيڻ،
ٽڦ وهائي ڪيڊيمانس،
بي غيرت، بي حيا!
منهنجي ٻيڻ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر!
جلد ئي محسوس ٿيم
ٿ ـــ
منهنجي ئي وهايل ٿڦ،
منهنجي ئي گل تي،
ويئي دپا چڏي.
چ ائين لڳم:
رندي .... منهنجي پيڙ آ!
منهنجي پيڙ .... رندي آ!!



پت جهڙ - جي موت تي

ڏيهه ڏيهه پرن ڏياڻيون،
ويري تنهنجو انت،
ويجهو آهي،
آڏي چاڻ بسنت.



ڪوتا جو جنم

سڏ وجائي سندر ناري،
جوبن آرس موڙي،
ڪوي ويٺو-
امر ڪوتا جوڙي.



سوال

تنهنجي چهري جون ريکائون،
ايٿن جيٿن منهنجون ڪيئي ڪوتائون-
جڳ لئه بنيل
سوال صدين کان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرسي

دل تڙپي ٿي،
آلي ٽنهنجي اک ڏسي.
ڇو جو مون،
ٽنهنجن لڙکن ۾ —
پنهنجو روپ،
ڏٺو جو آهي.

اوسيئڑو

تڙ تي هڪ اڪيلي نار!
چير پيرن ۾،
چيل تي گهاگهر،
مرڪ ائين جڙي،
گل ٿي هاري —
سوپيا ۾ پئي،
چنڊ کي ماري.
گونائي ماحول ۾ پليل،
ساون ڪيتن جيان سامايل.
شايد ڪنهن لئه نيڻ وڇائي؟
ويٺي ڪنهن لئه پور پچائي؟
شام لڙي،
اندهارو ڦهليو،
تارا ڳڻي پئي من پرپائي،
تڙ تي هڪ اڪيلي نار!



ڪاڪ محل

رات هوء،
سورنهن سينگار ڪري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چير جي چمڪي سان،
سنهڙي چيل لوڏيندي،
منهنجي اڳڻ آئي.
۽ مون کي گرانڙي پائي،
منهنجي گود ۾ ويهي،
پنهنجي نرم نازڪ،
هٿن سان،
منهنجي هٿن مان،
قلم ۽ ڪاغڙ کسي،
آڳ ۾ اڇليو.
۽ مسڪرائي ــــ
پنهنجي چپن کي،
منهنجي چپن جي،
ويجهو آندو.
رابيل جڏهن،
پنهنجا چپ،
ماڪ جي پهرئين ڦڙي لاءِ،
کولي ڇڏيا،
۽ پريات جڏهن،
رات جي مٿان،
ڪاري چادر هٽائي،
تہ سنسار ۾ سونهن،
ويڻي اوتجي.
۽ منهنجا سنڊ سنڊ،
ساٿا هٿ،
۽ رڳ رڳ ۾ــــ
هو روڳ پريل.
مون رڪ ۾ جليل،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجا گيت ڏنا،
او وحشي ڪامڻي،
شل تنهنجو روپ،
الوپ ٿئي،
ڏات جي ڏيهه ۾،
پاپ کي پوکڻ واري،
او سندري!
شل تنهنجي گود آجڙي!

بي وسي

تنهنجي چاهنا،
۽ پيار—
منهنجي لاءِ جڏ—
اليڪشن جو خرچ،
ڪٿڻ چاهيان ٿو،
پر،
مون ۾
ايڏي ناهي پهچ—



پٿر جو خدا

سنگ مرمر جيان،
تنهنجو لسو بدن،
۽ شفاف چهرو،
مون کي تو ڏانهن،
ٿو ڇڪي،
دل ٿي چوي تہ—
او سندري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توتي پنهنجين،
آسن ۽ اميدن جو،
پاڻان اڪو—
پر!

سوچ جي پاتال ۾،
جڏهن هٿان ٿو ٽپي،
تہ پٺو ٿو ٽٽي،
چو جو هيلتائين—
پٿر جي خدا،
ڪنهن کي به ڪجهہ،
ڏنو ئي ناهي—

بنجمن مولائيز جي نان۽

زنجيرن کي زنگ لڳائي،
زندانن کي ڏيئي زبان،
مري جي ويس آڻي،
تہ چا ٿي پيو—
ويرين کي وجهي ونگ،
اوندهہ کي اجالو بخشڻ لئہ—
موت جي گود ۾،
ستس جي آڻ—
تہ چا ٿي پيو،
تنهنجي آجهاڻل اکين کي،
جلا بخشڻ لئہ—
ازلي ارمانن ۾،
ابدي خوشيون،
اوتڻ لئہ—
تنهنجي لڙکن کي چ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهول تنهنجي ۾،
مرڪون پرڻ لئہ ـــ
وحشي جلادن جي مقتل ۾،
سر جي منهنجو ڪٽيو،
تہ چا ٿي پيو ـــ
ڪاري ڪارونهار ۾،
توکي ڪڪوريل ۽ ڪجليون،
اکيون ڏيڻ لئہ ـــ
وحشي هٿيارن،
جي ڦٽيو مون کي،
تہ چا ٿي پيو ـــ
سينڊ تنهنجي ۾،
سينڊور پرڻ لئہ،
مظلومن ۽ محڪومن کي،
ارڏا ۽ ارپيلا،
گيت ڏيڻ لئہ ـــ
خون جي منهنجو وهيو،
تہ چا ٿي پيو ـــ
صدين کان سڪل،
روئ ۽ بدبخت ڌرتي،
پاڻ پنهنجو پائيندي،
سچ جي راهہ ۾،
وهايو مون جو رت،
رنگ لائيندو هڪ ڏينهن.
آن ڏينهن ـــ
بهارون هن ڌرتي تي،
ويندیون وڃائجي.
گلن جي خوشبو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر روح ۾،
ويندي اوتجي.
هوائن جي ڇڻن تي،
منهنجا گيت هوندا،
منهنجو روح،
روپ تنهنجي ۾،
ڏي الوپ
توکي بخشيندو جلا.

تنهنجي ڇير جي ڇمڪي ۾،
منهنجي دل جو ڏڙڪو،
ڏي شامل،
سارو جڳ جهومائيندو،
ع ــــ
جيون جون،
اڻ ميون خوشيون،
جن جون حسرتون،
ڪٽي مان آسهيس،
تنهنجي روپ ۾ سمائجي ــــ
مان ماڻيندس.
ع آن ڏينهن ــــ
جهرڻن جهڙي زندگي،
موت جي منهن تي،
هميشه لئه،
ٽمي جي ڪاراڻ،
ڦيري ڇڏيندي.
ع آن ڏينهن،
ائين باسندو تم،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي وحشي جلادن جا قتل گاهه ـــ
ويرين جا ونگ،
هي زنجيرون ۽ زندان،
۽ موت جا رهزن حملا،
جڏ سپنا هٿا،
اک چنبي جا ـــ
يا ديو پرين جا،
هٿا افسانا،
جيون تہ آ،
وهندڙ ڌارا،
جيون تہ آ،
چوري جي چال،
۽ چير جو چمڪو،
ناهي اک چنبي جو سپنو،
۽ نہ ڏي،
ديو پرين جو افسانو،
جيون جي جوت،
سدا آ جلندڙ،
سنسار ۽ اڻجي سونهن جو مڌ،
اڻ کٽ امرتا آ،
اُن جو اچڻو،
ناهي انت.

جهالپت جا رشتا

چنڊ ۽ چڪور جو پيار،
تو سوچيو ڏي ناهي ـ
جيڪر سوچين،
ڪڏهن نہ اهڙو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار نہ ڪرين ـــ

تنهنجي لاءِ

جڏهن به،
ڏهڪا يا ڏڪار،
ڏوٿي ۽ ڏيهه،
تنهنجا منهنجا نيٺ،
وسي ٻيو وڏ ڦڙو.

نئين ڳالهه ناهي

تو پڇيو هو:
گڏ رهي سگهن ٿيون،
چانڊوڪي ۽ رات آڪاس؟
ڪوبه ناتو ناهي ـ
مون چيو هو:
سنڌ ۾ اها ڪا،
نئين ڳالهه ناهي،
تو ڪاڏو هو عجب،
مون چيو هو جڏهن،
شايد ٻڌو ڪونہ اٿئي،
جهور پوڙهي ۽
ساماڻل نينگري جو قصو!

پيار ۽ جنگ

(فلسطين جي حوالي سان)

جنگ جي محاذ تي،
امن ۽ آزادي،
ڪاڻ وڙهندي ـــ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکي رکي،
تنهنجي ياد،
ايندي آ تہ ـــ
سرحدون،
ٽٽندي محسوس،
آهن ٽينديون،
ءِ آءٌ ـــ
ماضي جي يادن ۾،
ويندو آهيان لهي ـــ
تنهنجو منهنجو پيار ـ
آهي يادون !
نہ جي ڇانوَ ۾،
آهي گيت !
جي پاڻ جهونگاريندا هئاسين،
پر جڏهن ڏٺم تہ ـــ
تنهنجي منهنجي پيار،
جي وچ ۾ ـــ
آهن سرحدون ـ
جي ٽوڙڻ کان سواءِ،
ملي نہ سگهنداسين پاڻ،
چو طرف آ ـ
ڏاڍ ءِ ڏهڪاءُ .
ظلم ءِ بربريت ـ
تڏهن سوچيم تہ،
اسان جي مٽان ـ
جنگ مڙهي وئي آ ـ
ءِ مان ـــ
جنگ جي محاذ تي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روانو ٿي ويس—
اڄ به رکي رکي،
ايندي آهي،
ياد تنهنجي،
ته—
سرحدون ٽپندي—
محسوس ڪندو آهيان.
مون کي ڇڻ،
نئين قوت،
آ ويندي ملي،
ڇ منهنجي آگر،
بندوق جي ٽريگر تي،
تيز ڪپي ويندي آ—
ويري تي
اکي کان به وڌيڪ تيز،
گولين جي وسکار،
ڪري ڏيندو آهيان



احتجاج

.....؟

....!

.....؟؟

تنهنجو چمتکار

تون جو،
مون ساڻ ناهين،
تہ اڃين ٿو لڳيم،
سنسار جي رچنا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئي آهي رکجي،
زندگي جي راهہ ۾-
ڇڻ اوچا پربت،
ٽي ويا آهن آڏا،
منهنجي جيون ۾،
ٽنهنجي وڇوڙي،
ميٽائل سائمائڊ،
ڇڙکي آ ڇڏيو،
ءِ پونءُ سڄي،
پوپال بنجي ويئي آ ــ.
ءِ زندگي جا روشن ڏيئا،
آخري پيرو ڦٽکي،
موت جي وحشي کاراڻ ۾،
گم ٽي ويا آهن -
لڳيم ڏو ڇڻ -
سارو سنسار آ،
ڇڻ ايٽوپيا !
هڏاوان پڃرا،
لاشا ئي لاشا !
پر جڏهن پيي،
رمندا بادل،
گجگوڙ ڪري،
ماحول جي مات کي،
ڏوڙين ڏا.
ڪنوڻ ٽجلا ڪري،
وحشڻ ڪاري رات جي،
سيني ۾ ٽي،
خنجر ٽنبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ـــ
تنهنجو تصور؛
سوين سرحدون اورانگهي،
منهنجي اندر ۾ـ
آڏما ٿو ماري،
۽ تنهنجو وجود ـــ
منهنجي ساهه جي،
هر سواس سان،
گڏ ٿئي ٿو محسوس.
منهنجا سڪل ۽ پيلا چپ،
ماڪ جي پهرين ڦڙي سان،
ڀڄي ٿا پون ـ
۽ اڻين ٿو ڀاسي تہ ـــ
سنسار جي رچنا،
رڪڻي ناهي،
جيون جو وهڪرو،
رهڻو آ جاري سدا.

ساوتري

شرنائين جي گونج ۾،
جگ مگ جوتين ۾،
اگن ديوتا کي،
رکي ساکي،
وني جي ويس ۾، .
سورهين ورهين جي سندري،
اسي سالن جي،
لکپتي سيٺ سان،
جنم جنم نينهن نپائڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪري وچن،
ماڻهو ڏرم جي،
جڏ جڏ ڪار چون!
اڏرم تي،
ڦٽڪار وجهن!
پر؟
ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ،
خوب چول آڻيا،
گلي گلي، گوٺ گوٺ،
گالهيون ٿيون،
آواز آڻيا،
ڪنهن چيو بد ڪار،
ڪنهن چيو:
هڙي ڪڏي ڪم ڪان،
جيڪر،
وهم ڪائي ها مري.
پر!
نظر منهنجي ۾،
ساوتري آ عظيم.
جو هن،
نم ڪنهن جي،
مڃي آڻ،
۽ نم تنگ ٿي،
ڪئي خود ڪشي،
پر ڪاڻ جيئڻ،
پنهنجي منزل،
گهولي ورتي.
۽ هوءِ ساوتري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتورت ناري،
ميري گدلي،
نوجوان سان،
جو آن پاڙي ۾،
هو تاکيندو جتيون،
ماڻهو جنهن کي،
هٿا چوندا مليچ!
(پر آءُ نہ)
ديوتا سان کيل وچن ٽوڙي،
ويڻي پڄي.
(جڏ ديوتا جو ويو
منهن کارو ٿي)

ڏهريو

رهين ڏرتي تي،
آپ کي پوڄين،
ڏهريو ناهين،
تہ پوءِ پلا ــ.
ٻيو ڇا آهين؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو قاتل پڙو،
پراڻو ايڏو-
جيڏو موهن جو دڙو.

★

آڏون تنهنجو نڱ،
پوءِ ڇو؟
تڪين منهنجا انگ.

★

حوا پئي بيڪ،
چنڊ ڪان پوءِ -
آدم پهتو مريخ.

★

سندر ناري جي سونهن،
سُنجهي چولي ۾ ايٽن،
جيٽن رڌڻي ۾ دونهن.

★

چنڊ جي چاندراڻ،
هلي ته آ —
پاڻيون پد نرماڻ.

★

رهين جي رات،
ته ڪر ماڻيٺين،
مون جهڙي ذات.

★

سهڻي نينگر،
اهڙي آجري،
جهڙي ڪينجهر.

★

وئيشيا جا سپنا،
ڏهين رپئي جي نوٽ،
ڪري ڇڏيا پرزا.

★

رات جو پويون پهر،
وڏيرو نند ۾،
هاري وهي بيگر.

★

روگهي جو پونءُ،
هرڪو پڇي پري،
ڇهي ويئي پونءُ

★

چوواڻي تي ڪنگلو،
بيٺو آپ ٽڪي،
اوچو ڪيڏو بنگو!

★

ٽڪا سوئر وچ،
ويئي لٽجي،
رات ڪنهن جي لچ.

★

تنهنجو وڏو پيٽ،
ڪنهن جي پلئه ۾،
آهي چيڪو ميٽ.

★

آڏون ڏرتي ڏگ،
پڇين ٽو اوپرا،
تنهنجو ڪهڙو سگ؟

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏ اگهاڙي ماءُ!
ڪيڏو آهي،
سڄ ۾ تاءُ.

★

تنهنجو هڪڙو ووٽ،
ڪافي آهي —
ڏهين ريٽي جو نوٽ.

★

پڪا پُسيون پيرون،
گوٽن ۾—
چوريون هٽن چيرون.

★

سر سچائي سندرتا،
جنهن ۾ پاتي،
ماڻي ان آمرتا.

★

سنڌڙي سونهن ۽ آڻ
هڪڙو ئي روپ،
الڳ الڳ نانءَ.

★

چپ تنهنجا چريا،
بيت بادل بنجي،
هانو منهنجي هـَريا.

★

رندي جو روح،
آپريو جو چنڊ،
جڙ آٽلي ٻيو ڪوهه.

★

ڪنهن ڪنهن جي
لاهيو چڏي —
صدين جا سور.

★

گيتا جو گيان،
مٽي تي تلڪ،
پڙهي ٻيو شيطان.

★

ڪونہ ٽيو ٻُڪو،
رات سيءَ ۾،
مٿو ٻار نڌڪو.

★

ماڻهن اڏو نہ گوڏ،
قوم جي ڏک ۾،
ليڊر ڪسائي روڏ.

★

گهوري گهاگهر منجهہ گوندر،
پي ويا پياڪ
جميا پٽ ڪونڊر.

★

ايٽم جو انسان،
آڏامي آپ ۾،
ڪنهي ٻيو ٻگوان.

★

اوٽيهين اونداهي،
وڏا ڪوٽ وڏيري جا،
چوري ساماهي.

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻي پري پاڻياري،
آندي مانجهي ڏرتتي،
پوءِ به چون ڪاڻياري.

★

دل جڏهن توسان ملي،
منهنجي اکين تي،
چڻ آئي ڪوتا هلي.

★

امان تنهنجو گهر،
ويران ۽ قتل،
اروڙ جا کنڊر.

★

ڏنم ڪرسي تي،
لڳم ائين،
چڻ گج گڏهه تي.

★

هوا منجهه هڪاءُ،
منهنجي من جو ديوتا،
شايد آيو آ؟

★

منهنجي ذات ۽ ڏاڻءُ
ائين ئي —
جيئن چوري جو وهاڻءُ.

★

اوچيون ديوارون،
ڏٺي نه سگهيون،
ماروئڙن جون سارون.

★

ٻارن جي رينهن،
اڌ اگهاڙا انگ،
آزادي جو ڏينهن.

★

منهنجو ڪهڙو حال،
شاديا ڏي رپيا،
هڪڙو سير دال.

★

لک لهي ڏي لوڏ،
پوءِ پي الا —
چوري کيڏي هوڏ.

★

گهائل من جا گيت —
پالا بنيا هڪ ڏينهن،
ڏڏندي پراڻي ريت.

★

سچ سونهن ۽ سورهيائي
گهايو پئي گلي گلي
پلاري شاهه پڌائي.

★

لکيو منجهه نراڙ!
آئون ازلئون غريب،
تنهنجو بنگلو ڏ ماڙ؟

★

مرن سپ ڪلال —
جڳ جڳ جيئن —
منهنجي سنڌڙي شال.

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُٹل اٹن سور،
گهائي پيو ـ
آستاد منظور.

★

ٻاٻاڻن جا ٻُوهه،
ماڙين مٽ نه پائنئين،
حيف هجنئي ٽُوهه.

★

هن ڇاني جو ڦهرائي،
ڪيڏي ڪاري رات آ،
ڪوي گهر ڪوٽا ڇائي.

★

پري پيالو پيءُ،
ڪير جيئي سيائي،
جيون نه ملندئي هيءُ.

★

اڇڪلهه جو انسان،
ڏکيو ڪيڏو ڏيهه آ،
لڏي ويو پگهوان؟

★

تنهنجو سنجوگ،
ريٽيو چڏي،
صدين جو روگ.

★

سندرتا جي ديس آ،
راڪاس پيو راڳا ڪري،
ماڻهو جي ويس آ.

★

جهر جهنگ ۽ ڪيتن،
وڏيرو روئي وانگين لاءِ،
آئي جو اليڪشن.

★

وري جو سر نسريا،
بند ڪوٽن آ،
چپ چري جا چريا.

★

ڏي نه مون کي ڏک،
پنهنجو پاڻ سڃاڻ!
آڏون تنهنجو سڪ.

★

تنهنجو گهالهيون ۽ گل،
سدا ساماڻل،
اڄ به اهڙيون جهڙيون ڪلهه.

★

ساڻو ساڻو سند،
پوءِ به ارپي پيار مان،
جيجل کي ڪنڌ.

★

ڪپنئين هڪ ٽاڻي جي ماني،
سودو مهانگو ناهي، بس،
ارپ هڪ رات لاءِ جواني.

★

پُورهيت وهي پگهر،
جهانگين تي جهلون ڪنڌ،
ڪائنئي شل ڪپر.

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تون سورين سڙندو،
منهنجي من ۾ پلا پوءِ،
گيت ڪيئن نه هرندو

★

ڪيڏي طوفاني رات،
موت جي منهن ۾،
ڪانگ لنوي پيو لات.

★

منهنجو لکيل پاڳ،
مان ڄاڻان ٿو،
بندر ڪر پراڻو راڳ.

★

رات جا پارنهن،
ولو سان پڄي ويئي،
وڏيري جي ساران.

★

جيڪو ڏاڍو سو گابو،
ڪيئن نه مڃيندس،
تون آ منهنجو بابو؟

★

اوندهه ڪاري ٻات،
پوءِ به ٻري ٻئي،
واڇوڙي ۾ لات.

★

وڏا ڪوٽ وڏيري جا،
ڇپائي نه سگهيا،
لکل راز ديري جا.

★

پاپاڻ سان ڪيل پول،
پارڻ لاءِ اٽيا،
ڏاڻي منهنجا ديول.

★

جيجل تنهنجو نانءُ،
ري ٽٻي ري ٽونئين،
ڇپر تون ئي ڇانءُ.

★

انگ اگهاڙو انسان،
پاڻ ڏسيو آپ ڏسي،
ڇا اگهاڙو آ پگوان؟

★

منهنجيون سوچون
اڏو گيهه —
ڪنڌ ۽ مرچون.

★

ساڳيا لاڏون ساڳيا چڱ،
پيڙهجي پورهيت،
جهڙو اڄ تهڙو اڳ.

★

سندرتا جو بي انت ساگر،
پوءِ به جيون باسي،
ائين جيئن ڪوري گهاگهر.

★

چئن گهڙين جو چٽڪو—
ڪير چوي ٿو؟
جيون پل جو جهٽڪو.

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهن ماڻهو ويچارا،
ڏرتي تي ائين جيئن،
رات جي پيٽ ۾ تارا.

★

ڪارو ڪازونيار،
لڙهن لاشا،
چمڪي ڪهاڙي ڏار.

★

تنهنجو سندر روپ،
سڏو نه ٿئي—
ڪوجهاڙي جو ڪوپ.

★

مڃيم تنهنجا گهاوَ گهرا،
پر رهڻا ناهن سدا،
سوچن تي پهرا.

★

هاري هڪلي هر
ڏرتي گرپ وتي
جهرڪن جهنگ جهر

★

تو وٽ روز وڃن شرنايون،
اسان جي گهرن ۾ ڪرن ڪي،
هر روز لڳن ٽيون باهيون.

★

شعوري لکيل شعر،
نه سونهن نه گهرائي،
رڳو وزن بحر.

★

هاري هڪلي هر،
ڏرتي پٽي دشمن کي
ڪائنئي شل ڪپر.

★

تنهنجو پيار ڏڪار،
چٽ نٽو چاهيان—
آءٌ حرامي يار.

★

سور سنڌڙي سُريا،
ڪنڌ ڪريا ڪيئي،
گهوٽن گوندر گهريا.

★

هاري هڪلي هر،
پاڻ گهارين عيش ۾،
ٻڌي وڃي مر.

★

جوءِ ۽ جهونجهڪڙو،
جنم جنم جا رشتا،
گوري گوندر ۽ گهڙو.

★

ڏوٽي ۽ ڏيهه،
ٿيندا وڃن اٽلپ ايئن،
جيئن سچو گيهه—

★

تنهنجو ڪتو به ڪار ۾،
منهنجو اڪيلو پٽڙو،
بيگر وهي بخار ۾.

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتي هجي يا چيٽ
تنهنجون عيدون ئي عيدون،
منهنجو خالي پيٽ.

★

دنيا جا ڪنڊ،
پورهيت پڳ سنڀال،
پاڻچارو وند.

★

ويهين صدي،
نيڪي نيٽ ڪٽندي،
ويندي مري بدي.

★

ويهين صدي،
بکيو پاڻ،
بند ادي.

★

ماڻهو مٿي ۽ مڙ،
اسان ارپيو ازل کان،
۽ پڻ تائين ابد.

★

سنڌڙي سونهن ۽ سڳنڌ،
جدا نہ ٿيندا جيءَ کان،
جي ڪوريو اوهين ڪنڌ.

♣

تنهنجو ڪتو به ڪار هر،
۽ ڏيهه ڏٺي جيئن،
ڏيکو وهي نار هر.

★

چوري چير ۽ چمڪار،
منش جا مارگ،
سرجيو سچو سنسار.

★

چوري ڏني چال،
جيون ڪر ڪٽي اُٺي،
پڇي ويو ڪال.

★

ڪامڻي جي ڪايا،
بنا جيون ان جي،
ڏوڙ ۽ چايا.

★

ماڻهو مٿي ۽ مڙ،
جنهن به پاڙو،
ماڻيو اوچو پد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شتيلا ۽ صابرا،
اڄ بہ انسانن تي،
مقتل ڪيڏا ماڻرا.

★

صابرا ۽ شتيلا،
اڄ بہ ڇوي انسان کي،
آڻي ڪر حيلا.

★

صابرا ۽ شتيلا،
آيو ريڇ ڏرتي کي،
ساوا ٿيا گل ٻيلا.

★

آڏون اندر بند،
پوءِ بہ ڪينئين،
وڪليئن ٿو هرهنڊ.

★

بارود گولا ۽ بم،
دل کان ڏار ڪري نہ سگهندا،
ڇوري ڇال ۽ ڇم ڇم.

★

ڏرتي ناهي سنئين،
پٽڙا پلاند وٽندا،
لڪندين ڪهڙي ڪنڊ.

بم ڪريا بيروت،
ماءُ مرون مقتل ۾،
ڇڻي سوڌا سپوت.

★

ٻونءُ ٻڻي بيروت،
ماءُ موت جي منهن ۾،
سانڊي پٽ سپوت.

★

ڦٽڪي فلسطين،
بندوق جيان گوڙون ڪري،
بيراڳي جي بين.

★

انسانيت ۽ ضمير،
سامراج وڪڻي سون لئي،
ڪيڏو گهٽيا خمير.

★

وت جلائي ويهي،
رات نہ راڳا ڪري،
ڏسڪي نہ ڏيهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايٿوپيا جي ڏڪار تي

ايٿوپيا ايٿوپيا،
پيپ جي باهه ڪي،
شانت نه ڪري وديا.

★

ايٿوپيا ايٿوپيا،
پري نه سگهي پيپ ڪي،
سيٿ جي بکيا.

★

ايٿوپيا ايٿوپيا،
ضمير ۽ دل دنيا مان،
شايد لڏي ويا؟

★

بارود ۽ بم گولا،
سوڊر وڪڻن سستا،
مهانگا ڪيڏا لولا.

★

آپ ۾ آ ڀڳوان،
ڪيڏو نه انياءُ،
ڏرتي تي شيطان.

چوڏس بکون ڏڪار،
ماڻهو ڪائي ماڻهن کي،
بنگلن ۾ ٿا به سڪار.

★

بکيو پاڻ آڇي پيٽ،
ساڳيوئي خون پوءِ،
ڇو ٿو ڦيرين نيٽ؟

★

آندن ڏکتل انسان،
هڪ ڏينهن آڳ اوگاڇيندا،
لڙهي ويندا ڏنوان.

★

آندن لڳل انسان،
جيسين آهن جڳ ۾،
ڪيٽن چوائين مهان.

♣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪولمبيا ۾ آيل زلزلي تي

ٽيهه هزار انسان،
ڇا ڪيئي ماڻهو،
ڳڙڪائي وئين سنتان!

اوهه ڪولمبيا،
لوڙهي ڇڏيئي ٻچڙا،
آيئي نه ديا.

سوچون ٽيهه هزار،
سامائجي نه سگهيون،
ڪهڙي ڪيئي ڪار.

تون ڪهڙي ماڻهو،
پنهنجا ئي پٽ پليئي،
پاڻ تي آندئي تاڻ.

ڏيهين ڏنئي ڏک،
ڪيئي ڇا ماڻهو،
ڪيئي پنهنجي ڪک.

هي ڪهڙو ڪروڌ،
اوهه ماڻهو،
ڪيئي پنهنجو وروڌ.

ڪاٽيون ڪولمبيا جون،
ڳڙڪائي ويو،
پرندڙ جبل جو دونهن.

سندرين جون جايون،
آتشي پهاڙ لڳايون،
انهن ۾ باهيون.

ڪولمبيا جي آشا،
پرندڙ جبل ڏنا،
ٽيهه هزار لاشا.

ڪولمبيا جو ڪرب،
سڄي جڳ جي،
ضمير تي ضرب.

آ ت عالمي ضمير،
ڪولمبيا جو انسان،
تنهنجو ئي خمير.

بک بيماري بدحالي،
ڪولمبيا پڇي عالم کان،
آهي ڪو جڳ جو والي؟

ڪولمبيا جو انسان،
پڇي عالمي ضمير کان،
آئون ڪنهن جو سنتان.

چوڏس باهيون پنيٽ،
ماڻهو مڇ وچ ۾،
ڳولي پنهنجو پٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پنهنجو ڪوئي نـاتو ناهي!
مون ڪي توئي چيو هـو،
تنهنجو ڇو پوءِ من ڊٺو هو،
پنهنجو ڪوئي نـاتو ناهي!
مون جـو ساڻ مڱيو هو،
جيون آس ڇو ويڻيئين لاهي؟
پنهنجو ڪوئي نـاتو ناهي،
مون ڪي توئـي چيو هـو.



مرڪن سان تون من پـري ڇڏ،
لـڙڪن جون زنجيرون ڦـوڙي.
غم گوندر ڪک پن ڪري ڇڏ،
مرڪن سان تون من پري ڇڏ.
جيون سُر سان ڪن پري ڇڏ،
دل جا دک درياهم ۾ لـوڙي.
مرڪن سان تون من پري ڇڏ،
لڙڪن جون زنجيرون ڦـوڙي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گيت ڏيئي جو پيتم،
مئي جو پريل متڪو.
دل نہ ميڃي تہ آجيون،
ڇڻ ڏينهن جو ڇڪو.



هي جو گند ۾ نڌڻڪو پار،
جنهن کي ڪائي سڌ نہ سار.
جنهن جو ڪوئي پيءُ نہ ماءُ؟
تو لئہ مون لئہ اُگهاڑي گار.



ڏاڙهون جهڙا تنهنجا ڳل،
گاڙهو جن ۾ رت ٽپڪي.
ائين ڏسي تہ آهي جاني،
منهنجا دوها گيت غزل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري سڀائو واءُ نہ ورندو؟
وري ڪو دودو مور نہ چمندو؟
سنڌو مونکي ورندي ڏي چا؟
پنهنجن جا ڪو لڙڪ نہ آگهندو؟

خون آهو ڏي خون امر،
جو خون وهي مظلومن لئہ.
پيار آهو ڏي پيار امر،
جو پيار رهي ڏو ماڻهن لئہ.

هرڪو پنهنجي مفاد لاءِ ڏو مري،
حق صداقت لئہ ڪو مري تہ ڏسون.
بين ڪي هرڪو سچ چوي ڏو مگر،
پاڻ ڪي ڀي ڪو سچ چوي تہ ڄاڻون.



موت آنهن لئہ موت نہ آهي،
جيڪي لنون ڏا سچ جي لات.
پنهنجو پرائو پرکي ڏسي پل،
موت اسانکي ڪري نہ مات.



اسين ڪنهنجي جذبن سان کيڏڻ نہ ڄاڻون،
اسين ڪنهنجا آنسو وهائڻ نہ ڄاڻون.
اگر مسڪراهٽ اسانجي ڪسي ڪو،
اسان آنکي جگ ۾ رڙڻ نہ ڄاڻون.

اسين امن جو سچ، اسين جوت آهيون،
اسانجي تہ ڪنهن سان عداوت نہ آهي.
مگر ڪنهن اسانجي جهوپن کي ڏسيو،
پڌي ڇڏ آنهن لئہ اسين موت آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هي جي جوين ڏينهڙا، تو گجري گنوايا،
سپنا ٽنهنجي ساهه جا، جاڻ اڻ سامايا،
ڪوري جي ڪايا رلندينءِ تان رچ ڀر.



رلندينءِ تان رچ ڀر، ڪوري جي ڪايا،
هي جوين ڏينهڙا، تو پوري پلايا،
امر ٽو سايبا، پرک نه لهين پانهنجي.



پرک نه لهين پانهنجي، امر تو سايبا،
هي جي جوين ڏينهڙا، وينگس وڃائيا،
جيون تو ڇايا، جي جوين مند نه ملهايئي.



جي جوين مند نه ملهايئي، جيون تو ڇايا،
چوڏهين جي چانڊاڻ ڀر، نه چوٽا چمڪايا،
سپنا اڻ سامايا، ايندڙي راتيون اماس جون.



ايندڙي راتيون اماس جون، سپنا اڻ سامايا،
جي تو گيچ گهايا، جرڪي پوندڙي جوين ڙو.



جرڪي پوندڙي جوين ڙو، جي تو گيچ گهايا،
رت ٽي سڏ وڃائي، مچ مچائي ڪايا،
اهڙي نه بي مايا، جوين آ مهان پڳلي.



جوين آ مهان پڳلي، اهڙي نه بي مايا،
جنهن به جوين چس چکي، تنهن مندر پرايا،
ڪنگرا ڪيرايا، نعرا هنيا نينهن جا.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نعرا هنيا نيمهن جا، ڪنگرا ڪيرايا،
هي جي جوين ڏينهڙا، گوري گنوايا،
جهري پوندئي جيون، جي ڪنول ڪومايا،
ڪنديئين ڪوهه ڪايا، مورنہ ماڻيئين امرتا.

مورنہ ماڻيئين امرتا، ڪنديئين ڪوهه ڪايا،
هي جي جوين ڏينهڙا، جن منڊل منڊايا،
جن بـہ ملهاڙـا، تن وسايو وڏ قـڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سندري سامايا سپنا، آيا ٽيا ڪات،
رهزن رولن رات، گاهن مان گات ڪيا.



گاهن مان گات ڪيا، رهزن رولن رات،
سندري سامايا سپنا، آيا ٽيا ڪات،
چوري جي چم چم ڪي، موت نہ ڏيندو مات،
چمندي نيٺ پرپات، سندري جي سسڪين مان.




سندري جي سسڪين مان، چمندي نيٺ پرپات،
سپنا سايا پائيندا، چوي چوري چات،
چمندي نيٺ پرپات، سندري جي سسڪين مان.



سندري جي سسڪين مان، چمندي نيٺ پرپات،
سپنا سايا پائيندا، چوي چوري چات،
ڏسڪندي نہ ڏات، ڪنڌ نہ ڪسندو ڪوتاجو.



ڪنڌ نہ ڪسندو ڪوتاجو، ڏسڪندي نہ ڏات،
پاپاڻن جي پنين ۾، پکي لنوندا لات،
هر ماڻهو هيرن ڪڻو، ڪانہ ڪميڻي ذات،
وائي هر هڪ وات، تہ جڳ جڳ جيئين جيجل ٽون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



موڪي مٽ اپٽئا، پر نہ متارا موٽيا،
شايد ڪنهن پر ويا، جو ماڳ موٽيا ڪينڪي.

*

موڪي مٽ اپٽئا، پر نہ موٽيا متارا،
حاڪم هڇارا، هوند ڏنا انهي ڏپ ڪان.

*

موڪي مٽ اپٽئا، پر نہ موٽيا متارا،
سامونڊي ڪنارا، سڃيا سپرين ري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(فلسطين جي حوالي سان)

باندي تنهنجو بند ۾، ڏکيو ڏيرو ڏيل،
سوڍا تنهنجو سيل، پٽيون پيڄي پورا ڪندو.

❋

باندي توکي بند ۾، جيڏيون هٿڪڙيون،
آزادي گهڙيون، اوڏيون ايندیون اوراهون.

❋

باندي تنهنجي بند جا، جيڏا وڏا ڪوٽ،
اوڏي مارن موٽ، سيگهه ٽيندي ساڻيهه ۾.

❋

باندي تون بند ۾، جيڏو ئـي اڏول،
ڌاڻي منهنجا ديول، موڙي ايندا ملڪ ۾.

❋

باندي تنهنجي بند کي، هي جي ڪلف ڪڙا،
آزادي چـڙا، سيگهه وڃندا ساڻيهه ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جيون ڪوئي جهوٽو ناهي،
جيون جهاڳ اجهاڳ، الو ميان

جڳ جڳاندڙ ٽائين جلي،
آگيڙين جي آگ، الو ميان
جيون جهاڳ اجهاڳ.

رات رنيائي پريات پسائي،
روگي من جو راڳ، الو ميان
جيون جهاڳ اجهاڳ.

ڪارو ڪاري ڪالهه ڪلهه،
اڄ بـ چرين چاڳ، الو ميان
جيون جهاڳ اجهاڳ.

اوندهه جي ايمان کي ٽوڙي،
سانجهي ماڻين ماڳ، الو ميان
جيون جهاڳ اجهاڳ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هٿ هٿ موڪي مڙ،
ڏاڍي ڏاپان ڪينڪي.


جيئن جيئن اوتيان اونهون،
تيئن تيئن نينهن وڌ.
ڏاڍي ڏاپان ڪينڪي.

موڪي تنهنجو مڙ امرتا،
اوتي پاڻان ابد،
ڏاڍي ڏاپان ڪينڪي.

مڙ ٿو من ميت ملائي،
سڏڻين کڻي سڏ،
ڏاڍي ڏاپان ڪينڪي.

جنهن جنهن موکيو مڙ لٿ،
ماڻيو اوچو پد.
ڏاڍي ڏاپان ڪينڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گونڊر سپ گنوائي وينگس،
جوڀن منڊ ملهائي.

جيون ناهي سڌ کا ڏسکا،
ڇيرين کي ڇمکائي
جوڀن منڊ ملهائي.

آپريو آ چنڊ چوڏس جو،
سپنا امر بنائي.
جوڀن منڊ ملهائي.

چا ٿيو جي واڻون ويري،
جڳ مڳ جوت جلائي.
جوڀن منڊ ملهائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جھونجھڑي ۾ ڪوئي متوالو،
ويڻو ڳائي گيت سنڌو جا.

جھر جھر ماڻي ۾ جھرڻو،
مھي مانڊاڻ مچائي.
ويڻو ڳائي گيت سنڌو جا.

ڇر ڇر آن ڇڙي پياگياڻي،
سُر سان سُر ملائي.
ويڻو ڳائي گيت سنڌو جا.

سڌ وڃائي سندر ناري،
سڀنو ساڀيا پائي.
ويڻو ڳائي گيت سنڌو جا.

پيلي جنھن پوڻھ کي پيلیو،
وانگي وڃن ڏيائي.
ويڻو ڳائي گيت سنڌو جا.

گيت ۾ ڇا آلاپ اڻوکو،
سارو جڳ جھومائي.
ويڻو ڳائي گيت سنڌو جا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چوري چڪو چيـر جـو،
منهنجو موهيو من.

تون جي مونسان ساڻ هجين،
جيون نـا پل ڪن،
منهنجو موهيو من.

تون ئي آ بس منهنجي مايا،
ڪونہ ڪجي ٻيو ڏن،
منهنجو موهيو من.

سنڌڙي جي هر شئي پياري،
چـا وستي چـا بن،
منهنجو موهيو من.

ٻيون ونيون اجـرڪ رليون،
مون سان گالهيون ڪن،
منهنجو موهيو من.

رمزن راتيون لڇن ڦٽڪن،
چمڪي ڪهاڙي گن،
منهنجو موهيو من.

گوري گج گلابي ڇپن تان،
گهوريو پنهنجو ڏن،
منهنجو موهيو من.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




نيٽن وهي نير او سانوڻ،
کھڙو سانگ رچائيندين،
مونکي ڇا پرپائيندين.

رگ رگ ۾ راڳ رچي ٿو،
کھڙو گيت ٻڌائيندين،
رستا ڇا ريجھائيندين.

دل جي دکيل ديول ۾،
کھڙو ديپ جلائيندين،
پنھنجو وقت وڃائيندين.

منھنجو پيار پاتالئون اونھون،
لوڻيا انت نہ پائيندين،
نہ ڏي نينھن نپائيندين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



رات کي ماڻ آئي اجهو،
ڇو ٽا نيئن ڏريو،
جاڻ سڄ آپريو.

دل جا در نہ ٻيکڙ ڇوري،
تنهنجو پريتم سيکهہ وريو،
جاڻ سڄ آپريو.

ڪالهہ ٿي اڄ جي ڳالهہ ڪٿي،
ڪونہ ڪوٽ آنکي چريو،
جاڻ سڄ آپريو.

ڏوٿين ڏانڊا ڪيا جو آيا،
ڏاڍ پنهنجي ڏر ۾ ڏريو،
جاڻ سڄ آپريو.

جيون جي ڪوجهائي ڪوڙاڻ ۾،
جوبن جي سونهن امرت پريو،
جاڻ سڄ آپريو.

قتل گاهن ۾ ٽيا ڪڙڪاٽ،
ڪنڌ جڏهن ڪونڌر ڪريو،
جاڻ سڄ آپريو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪ جا سال سوين اوسائي،
ڏک جا ڏينهن ٿئي.

پاڻ نه هاڻي پينگ ڪندو،
ڪو به نه مرندو اڻي لٿي،
ڏک جا ڏينهن ٿئي.


آد جڳاد کان ايرو آدم،
بازي ويندو نٿ ڪٿي.
ڏک جا ڏينهن ٿئي.

محبت جي مترڪن سان،
ڪاريو ويڙو ڪوڙ ڪٿي،
ڏک جا ڏينهن ٿئي.

رات جي رهزن راڪاسن کي،
آيري آ پريات ڦٿي،
ڏک جا ڏينهن ٿئي.

وقت جا ارغون آڏري ويندا،
دولهه ورندو ننگر ڏٿي،
ڏک جا ڏينهن ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سرجي پيو ست الـو ميان،
ڪوڙ ڪنبي پـيـو ڪوڙن ۾.

ڪوٽا ڪوي جي اهڙي نياري،
ڇـڙي ڪوري ڪت، الو ميان
ڪوڙ ڪنبي پيو ڪوڙن ۾.

ويل پنهرڪي پٽن تـي پيرا،
گـانيارن جـي گت، الو ميان
ڪوڙ ڪنبي پيو ڪوڙن ۾.

ڏات لهي ٿـي ڏيهه ۾ سـائين،
مورک ميڙيـن مت، الو ميان
ڪوڙ ڪنبي پيو ڪوڙن ۾.

جهر جهنگ ۾ جـولان آٿيو آ،
ويـنـدا لـڙهي لـڪپت، الو ميان
ڪوڙ ڪنبي پيو ڪوڙن ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڏهر ڏسهر ڏمو ڏيڑوئو،
مون نڻون راڳ چيڑيو.

ڏڏ ڏڏ ۾ طوفان گجي،
سارو ملڪ ميڑيو،
مون نڻون راڳ چيڑيو.

ويا اپاڳا ڏسي پاڳي،
پيڻگين پاڳ پيڑيو،
مون نڻون راڳ چيڑيو.

کيت کرن ۾ ڪنڊن سان،
جهانگين جهيڑو جهيڑيو،
مون نڻون راڳ چيڑيو.

سڪرات ۾ سپنن کي ڪنيا،
موت بستر ويڑهيو،
مون نڻون راڳ چيڑيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجي ڏات پرپات، الو ميان
جن لئه مان ٿو گيت چوان،
ٽيٽا ناهن سات، الو ميان
منهنجي ڏات پرپات.

منهنجا گيت جگ جرڪائن،
چوڏس ٿئي چمڪاٽ، الو ميان
منهنجي ڏات پرپات.

جي تو پاڻي پاڻ کي پوکيو،
آيسا ٿيندا ڪات، الو ميان
منهنجي ڏات پرپات.

سڀ وڃائي سرندو سوريان،
چرکي چوري چات، الو ميان
منهنجي ڏات پرپات.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي آڏي ياد جو پيارا،
چمڪي پيا جڙ آپ ۾ تارا.

مڌ مستي ۾ ويـا ڏي الوپ،
ڪير چوي مڻا موڪي متارا.


ملي ملحد ڪافر ڪونيو،
پو به پيا ڪن وسيل اوتارا.

پار پرين ڪان ايندڙ هير،
ڪوڻن ۾ جڙ وڃن نغارا.

رجهندڙ روح ۾ چير جو چمڪي،
وسريا سور صدين جـا سارا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي چاهت چاڻڻ جو آئي ٻڌي،
چڱا چوڪا انسان ۾ ٿي ويا چريا.

ٽينپرڪي جو ٻيٽ تي ٻڌائي چيا ٻيت،
ڏڪيا ويا سڪيا ٿي، پاڻ پينگن پريا.

جڏهن ۾ سڏيو سچ سونهن ۽ ساڻيهه،
دکائي ويا دونهيون ڪيئي دولهه دريا.

برسيون ٻوندون بادل ٻني باهه ٻوڻ جي،
ٽڏا ٽي ٻيا ٽاڪ، ٽر ٽوهر ۽ ٽريا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❋

تنهنجون يادون اڄ بہ ايئن جيئن پائي مٿي ڪنول،
راتيون رهزن ڏانڊيون، سڄنا پوءِ پي ڪومل ڪومل.

پن ڇڻي جي منڊ ۾ ويا ٽي، پيلا گل ۽ پيلا پن،
اڄ بہ آڳڻ ۾ هوا جا جهونڪا، ڪٽيو اڇن ٽا گاڙها گل.

انگ انگ ۾ اٽڪيل پيڙا، روڳي روگ وهي لارون،
ڏرتي ٽيندي گرپ وٽي، سيان تہ ڏيندي ساوا ڦل.

هيڪلائي جي انڌين ڪاهين ۾، آئين ڪڙڪهيتي جيان،
دل جي ديول روشن ٽي، وسري ويو جو گذريو ڪلهہ.

ڏانڊن جهڙا گيت چيا جي، ڪوي ڪاري ڪارونهار منجهہ،
جهوري وڏو جيءُ جسم پر، گهائي نہ سگهيو گيت اجل.

سڪرات جي سور سسڪين ۾، سندرتا جي چيڙيا سُر،
جنڊڙي جيجل سان جڙي، آيو اندر ۾ اڻ ڪٽ پل.

صورتون سهڻن مهڻن جون، ۽ مستيون مٺاڻن جون،
منهنجي اندر ۾ ايئن ڪتل، جيئن ڪاڪ ۾ ڪوڪو ۽ سل.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هڪو چوي تون ڇڳل ڇوري،
منهنجي ٽوٽان جيون گهوري.

رت بسنتي مست هوائون،
روڳي سر تان چادر سوري.

سوري ٽي سپنا جو سمائيا،
ڇڪي موت جي جيون ڏوري.

سندرتا جو هر پل امر آ،
مان نہ مڃان تہ جيون ٿوري.

مڌ مدرتا، مرڪ امرتا،
ڪوي ڪهڙي ڪايا ڪوري.

جڳ مڳ جڳ مڳ جرڪي جوپن،
هر ڪنهن من ۾ هورا ڪوري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جھونڪڑي ۾ جيءُ جري،
هيكل هانو ڪونہ سري.

آءٌ اڳ ڏکويل ٻوءِ ٻي،
ڇو ويو ڪوئي مڳ ڏري.

چانڊوڪي ۾ امرت ٻدلي،
ڪنهن تہ ڏنو هو زهر پري.

پويارِي جا پاڇا پريتم،
من پري جيئن رات ڏري.

تہ تہ تہ تہ ڏيڻو،
منهنجو پريتم من وري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



امرت کان وڌ تنهنجي مرڪ،
پوءِ به جيون زهر جا ڏُڪ.

ميڙ کان پي ڪٿورا ماڻهو،
اڇهي لڳي لٿم گهاريـن رڪ.

ماکي کان پي مٺڙي ناري،
ان ڏاڙـن لٿم وڪڙي ڏڪ.

مرڪڻا ماڻهو لـڙڪ روڏـن،
پوءِ به پـڏائين هڃڻي ٽڪ.

سورن جي هـن پو ساگر ۾،
پٽڪي بحر ۽ تـڙڦـي تڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پائي تون سڀا گج نہ گوري،
توکي کڻي کل او پوري.

تنهنجو پيارو ملڻو مکڙو،
هر ڪنهن ٿو گهائي چوري.

ڪن ۾ واليون نڪ ۾ بولو،
سهڻي سينڌ ڳچي ۾ ڊوري.

تنهنجي سندر سوپيڙا پڳلي،
جان ۾ آڻي ٿي ڪا جهوري.

تنهنجا نرگسي نيڻ ڏٺا مون،
هيڻين ۾ جاڳي پئي آ هوري.

چور نظر سان مرڪ مڌ سان،
تو ته پون جي دلڙي پوري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري جو سـرد نسريا،
ستل سور سيني سريـا.

ڏکيو ڏيهه جڏهين، ڏچي ۾ ڏاڏاٽـا،
چڏيا گهاٽ ۽ گهر، گهوٽ گوندر گهريا.

جڏهن برسيا بادل، پلاري پـونءُ تي،
صدين جـا ستل گيت، هيڻن ۾ هريا.

اوندهه نه اوتي سگهي، اندر ۾ انڌ ڪار،
چند جي چانڊاڻ ۾ چپ چري جا چريا.

سرنهن جي سڳنڌ، ساهه سيني سمائي،
پاپاڻن جي ٻنين ۾، ٻوهه پاڇهر پريا.

دکن جي ديول ۾، دوست دلبر دلاسو،
رات جي پيٽ ۾ جڻ، ڪيئي تارا اپريا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي جڏهن به دوست، آ گهليه هلي،
واسجي ويئي سرهاڻ سان هر گهلي.

تنهنجي عزت جو پرم رکڻ لئه اسان ته،
درد جي داستان اڄ تائين نه ڪنهن سان سلي.

ماڻهو مندرن ۾ ٿا مرادون ماڻڻ اچن،
اسانجي ته دل بس مڃيو آ توکي ولي.

سوين روپ ڌاري اڳيان منهنجي آيا.
اسان کوڙ جي منهن ٿي اڄ به دانگي ملي.

جڏهن ڪنهن به آ، آڏي اک سان نهاريو،
اسان آن ئي پل تو لئه پنهنجي جيون پلي.

پنهنجا غلم ۽ غاليچا پاڻ وٽ ئي رک تون،
پلي يار سڏ جي آ نه ڪيڏي رلي.

محبت جي مڃ ۾ مرڻ کان پئو ڇا جو،
اسان سڪرات ۾ به دل آ پنهنجي جهلي.

ديس دلبر کي ڏن ٿي وڪڻ کان ته،
سوڇيوسين انهي کان ته ير آ بک پلي.

سياري جي سياکن ۾ پرين جون پچارون،
اونداهن کوڻن ۾ هر ڏس جوپين جوت جلي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❋

گھوريو لوڪو سرڙو سچ تان،
ڏوريو سچ ڪي ڏوريو لوڪو.
ڪيڏي سانت آ چانيل جڳ ۾،
ڪجھ نہ چپن کي چوريو لوڪو.
گھوريو لوڪو سرڙو سچ تان.

ٻات اوندھ ۾ چوٽا گھاريو،
پرھ تان چادر سوريو لوڪو.
گھوريو لوڪو سرڙو سچ تان.

ڪوڙ جي ڪاڪ محل ۾ چو ڻا،
دل وارن ڪي توريو لوڪو.
گھوريو لوڪو سرڙو سچ تان.

جيجل جوءِ ۽ جھونجھارن ميان،
پنھنجو جيءُ نہ جھوريو لوڪو.
گھوريو لوڪو سرڙو سچ تان.

پونءُ پلاري پٽ ڏٽي سان،
سور صدين جو سوريو لوڪو.
گھوريو لوڪو سرڙو سچ تان.

سنڌڙي سندري سانگيڙن تان،
ڪونڊر ڪٽين نہ ڪنڊ ڪوريو لوڪو.
گھوريو لوڪو سرڙو سچ تان.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




جڏهن پي اسان سونهن ماڻڻ آ چاهي،
تـ سوري اسانجو مقدر بڻي آ.

سوين روپ ڌاري ڏنارڻ تـو چـاهيو،
اسانجي تـ توسان ڪڏهن نـ بڻي آ.

اسين ڪونـ چاڻون تنهنجون رنگ رليون،
اسانجي تـ دنيا ۾ ويڳس وڻي آ.

اسان لئـ تـ آ بس مٽي ٿي سڀ ڪجهـ،
تنهنجي لاءِ بس جي سڀ ڪجهـ غني آ.


سڳندَ سونهن سنڌڙي جڏهن دل ڏي چائمي،
ويمي اوندهـ آڏري ڪيڊي سج ڪني آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجي توسان ياري سائين،
ايڏي چو دل آزاري سائين.
آپريل آهي چنڊ آڪاش ۾،
پو پي رات چو ڪاري سائين.
ايڏي چو دل آزاري سائين.
منهنجا پير پٿون جي ٿيا تن،
تو چو ڏاڙي هاري سائين!
ايڏي چو دل آزاري سائين.
تنهنجي پيار ۾ لڇان ڦٽڪان،
جڳ سمجهي تو بيماري سائين.
ايڏي چو دل آزاري سائين.
ڏيرو ڏيل ۽ اکڙيون آليون،
منهنجي تن آ راجڪماري سائين.
ايڏي چو دل آزاري سائين.
تو ۾ جي مونکان منهن مٽيو،
باقي رهندي خواري سائين.
ايڏي چو دل آزاري سائين.
هر پل پهرا، هر وک ويري،
دنيا ڪيڏي هچاري سائين.
ايڏي چو دل آزاري سائين.
آڏي مانجهي نانگ لتاڙي،
پوءِ به چون ڪانياري سائين.
ايڏي چو دل آزاري سائين.
منهنجا سپنا سون سمان،
ليکي لوڪ آ بيڪاري سائين.
ايڏي چو دل آزاري سائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

من مندر ۾ وڃي دنبورو،
گيت جيون جو تہ ٻہ اٽپورو.
ٻڌو ڙي لوڪو ڏيان ڏيئي،
چا ٿو چوي هو چئي چورو.
من مندر ۾ وڃي دنبورو.

ڪجهہ نہ چاڻون ڪوڙ ڪپٽ مان،
سر اسانجو سچ تان گهورو.
من مندر ۾ وڃي دنبورو.

نس نس ۾ آ نينهن نڪور،
اندر پنهنجو تہ هرندڙ ڪورو.
من مندر ۾ وڃي دنبورو.

سوڀيا جو آ ساگر بي انت،
پريم جو گهاگهر پو پي ڪورو.
من مندر ۾ وڃي دنبورو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

★

ديوارن ۾ ڏراڙون پائي، آئي جو سڳنڊ،
ديواني جي ڏرتي سان، ويئي گڏيجي تنڊ.

چورا زورا جيئن ٻوءِ ٽيئن اڳرا،
ساڻا سڏن ٽوڙي سڏ.

مڌ جو پيالو گيت ڏيئي جو پيتو،
رهيو نڪو ڪي اڌ نڪو ڪي بند.

هي ڪهڙو بيراگي آيو آ جو،
گاڙهه جنهنجي آ هر گلي هر هنڌ.

سور صدين جا لتاڙي پهتا،
پانڌين هاڻي پري نه پنڌ.

چوڏس ٻاهيون ٻڌيٽ ٻڌڪن،
درياهه جو ڇڻ آ ٻيو ٽٽي بند.

جيئين جيجل جڳ جڳ شال.
توتان گهوريان پنهنجو ڪنڌ.

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هڪ تون ئي هجين گڏ توسان هجان،
هڪ ڳالهه بڌان هڪ ڳالهه ڪيان.
هڪ تون ئي هجين.

منزل تون هجين، مان واڌهڙو،
سئو زخم ملن تہ بہ راهہ رسان.
هڪ تون ئي هجين.

تون لاٽ هجين مان پروانو،
سئو جنم هجن مان مرندو رهان.
هڪ تون ئي هجين.

تون بين هجين مان دانهہ هجان،
گم تو ۾ ٿيان، ٿي گيت وڃان.
هڪ تون ئي هجين.

تون مکڙي هجين گل توکي ڪيان،
توکي خونِ جگر جو ڏيئي چڌيان.
هڪ تون ئي هجين.

تون مورت هجين مان پوڃاري،
مان توکي چمان قدمن تي ڪران.
هڪ تون ئي هجين.

تون سوچ هجين ۽ مان شاعر،
مان سچ. سراپا بنجي وڃان.
هڪ تون ئي هجين.

تون تار هجين مان طالب هجان،
تون دور نہ ٿين، مان دور نہ ٿيان.
هڪ تون ئي هجين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون سيڪي هجين مان تڃ هجان،
تون پريت هجين مان تو لئم سڪان.
هڪ تون ئي هجين.

سڀ حاصل ٿئي جـي حاصل ٿين،
مان هر شئي ڪان ٿي باغي وڃان.
هڪ تون ئي هجين.

تون سڏ هجين مان جند هجان،
جوڀ وار ڪري تنهن تي وار ڪيان.
هڪ تون ئي هجين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او چوري او چيڪلي!
پـائـي هٿ ڪنگڻ ۽ هيڪلي گهمڻ،
وري متان مرڪڻ مـاڻهو ڪن چڙ پڙ.

او چوري او چيڪلي!
نڪ ۾ واهه جو ٻولو ۽ ٽڪن پريل چولو،
ڪتي نه پونئي پولو ماڻهن منجهه رولو.

او چوري او چيڪلي!
متي تي گهاگهر ۽ پير ۾ سهڻي جهانجهر،
منڊي منجهه آگر نڪرين گهران سانجهر.

او چوري او چيڪلي!
ڪري هار سينگهار، رچين ٿي ٻـي پار،
خطرن کان انڪار ڇا ڪيو ٿئي دلدار؟

او چوري او چيڪلي!
او چوري او چيڪلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڏرتي جا غدار ڀڏي ڇڏ!
مون جهانگيءَڻن سان لئو لڳائي،
تو جهوپن کي آ ٻاهه لڳائي،
تون ويري آن تون ظالم آن،
تنهنجي منهنجي پريت نه ڪائي.
ڏرتي جا غدار ڀڏي ڇڏ!
مون ڏرتي کي آ ماڻ مڃيو،
تو ڏرتي جي ڇڻن کي ڪکيو،
تنهنجو منهنجو ڇا جو سڳ،
تو بنجي پاڻ آ مونکي نڳيو.
ڏرتي جا غدار ڀڏي ڇڏ!
مون جا امن جي جوت جلائي،
پنهنجي نگري خوب وسائي،
تون خون خرابي جي آن تي،
ڇاڻي واڻي راند رچائي.
ڏرتي جا غدار ڀڏي ڇڏ!
مون ڏرتي سان پريت لڳائي،
تنهنجي دل دولت للچائي،
مون ۾ تو ۾ فرق اهوئي،
مون ۾ سچائي تو ۾ ٻيائي.
ڏرتي جا غدار ڀڏي ڇڏ!
دودو بنجي سان ڪاهيندس،
تنهنجا محلا سڀ ڏاهيندس،
ظالم، توکان ويڙ سڀ واري،
توکي ماري دم ساهيندس،
ڏرتي جا غدار ڀڏي ڇڏ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏو ٿي نہ اداس او ساڻي!

نيٺ ٿـي ڏوهہ ڏهندو،
نيٺ ٿہ ڏوهہ ڏکندو،
رات جو رولـو رهزن،
نيٺ ٿہ ڦاهي لٽکندو،
نيٺ ٿہ چنڊ چمڪندو.
رهڻي ناهي آماس ـ او ساڻي ايڏو ٿي نہ اداس.


تنهنجا گهاوَ گوريون،
گلن ساڻ اگهنديون،
دکي دل جي ديول ۾،
ڪيئن ڪامڻيون نچنديون،
مرڪ امرت مرڪنديون،
پڇندي نيٺ ٿہ آس ـ او ساڻي ايڏو ٿي نہ اداس.

ٻري ۾ نہ ٻاٻاڻا،
ڏکن ۾ نہ ڏاڏاڻا،
بادل ڀرجي ايندا،
وسندا وري وڻاڻا،
هي گوندر ۽ گهاڻا،
نيٺ ٿہ ٽيندا ناس ـ او ساڻي ايڏو ٿي نہ اداس.

موڪي مڌ آڇيندي،
ويندا لڙ لهي،
دل سان دلڙي ملندي،
جيئن مکڻ منجهہ مهي،
ڪوڙي ڪانہ رهي،
جيون ايندي راس ـ او ساڻي ايڏو ٿي نہ اداس.

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ازل کان سانئڻ پانيان ٿو،
مان توکي پائڻ چاهيان ٿو.

موت جي اونداهين اونهين کاهين ۾ مان،
کا جيون جي جوت جلائڻ چاهيان ٿو.

پوري عمر مان آهيان رليو ۽ پتکيو،
هاڻي توکي پي رلائڻ چاهيان ٿو.

تنهنجي فطرت کان آهيان واقف پوه به،
کاريهر سان پلئه اٽکائڻ چاهيان ٿو.

وانگي وساري تو چڏيو پر مان تہ،
ڏرتي سان نينهن نيائڻ چاهيان ٿو.

ڏنوانو ڏکاڻن جا دروازا کوليو،
نہ ته زوري بہ مان کائڻ چاهيان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساريون پکيون لابارو ٿيو،
اڌ وڏيري جو باقي سيٺ.

پورهيت ساڳيو بکيو ڏکيو،
توڙي ڪتي هجي يا چيٺ.

ٽوٽي وڏيرو موج ملهائي،
پورهيت کائي چيڪو ميٺ.

پورهيت پنهنجو پاڻ سڃاڻين،
قهر جو ڪوٽ پي ڪرندو نيٺ.

تون ئي آهين پيونءُ جي طاقت،
ناهي ڪنهنجي توسان پيٺ.

آٿ تون هٿ ۾ ڏانڊو ڪڻ،
ڪر تون آڃو پنهنجو ڪيٺ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پنهنجو نعرو آهي يارو،
هاري پورهيت زنده باد،
هاري پورهيت زنده باد.

سوئي ٻني جو فصل کٽي،
ڌرتي جو ئي ڪري آباد.
هاري پورهيت زنده باد.

مل ۾ جو مزدور ٽو لوڙي،
سو ئي کٽندو اُن جي واڌ.
هاري پورهيت زنده باد.

اسين حقيقي وارث اُن جا،
اسين ئي ڌرتي جو اولاد.
هاري پورهيت زنده باد.

ڌرتي جو، جو دشمن ٿيندو،
ويري ڪنداسون سو برباد.
هاري پورهيت زنده باد.

مطلب خور نظر ۾ آهي،
ٽوڙي سگهندو ڪين اتحاد،
هاري پورهيت زنده باد.

اسين پوچاري امن صلح جا،
دشمن لئه اعلان جهاد،
هاري پورهيت زنده باد.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

او پٽ ڏڻي او پٽ ڏڻي!

تنهنجي مارئـي قيد ۾ قابو،
روئـي روئـي نير ٿي هاري،
ڪيت آ خاموش مارو نند ۾،
ويري ڦوڳ ويڙ ٿـو واري،
ظلم عمر جو زور تـي آهي،
ڪير آ جو زنجير پگهاري؟

او پٽ ڏڻي او پٽ ڏڻي!

تنهنجي سسئي پنهنجي پنهون لئي،
اڄ ڀـي ويئي ٿـي واجهائي،
آڏا ڏونگر ڏکيا آهن،
سونهون ناهي جو راهه لڳائي،
پنهون بـه ويئو ڪيس پلائي،
ڪير انهيءَ کي ڪيڇ رسائي؟


او پٽ ڏڻي او پٽ ڏڻي!

چارڻ پيو ٿو چنگ کي چوري،
ناه ڏياج جو سرڙو گهوري،
ويڙو آه ڪوڙو ڪوڙي،
ڪير آ جـو سچ پـروڙي؟
تو ري سنڌ جو ناهي ڪوئي،
هن رئندڙ سان حال جو اوري.

او پٽ ڏڻي او پٽ ڏڻي!
او پٽ ڏڻي او پٽ ڏڻي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پڳوان مندر ۾ ناهي ميان،
پڳوان اندر ۾ آهي.

تون جا ڏوپ ڏکائين ويٺو،
تنهن تپشيا ۾ ڇاهي ميان.
پڳوان اندر ۾ آهي.

ڳولي ڇونہ ڏکي ڪنهن دل ۾،
ڪاشي ۾ ڪعبہ ناهي ميان.
پڳوان اندر ۾ آهي.

پڳوان آ آن شاعر ۾،
جو سچ لاءِ سينو ساهي ميان.
پڳوان اندر ۾ آهي.

آن باغي جي سيني ۾ آهي،
جيڪو چڙهي ٿو ڦاهي ميان.
پڳوان اندر ۾ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

★

او سانوري او بانوري!

تنهنجي مرڪ ايئن ٿـو پانيان،
پنيور ۾ ڇڻ ڪنول ٽڙي پيو،
چوٽي ۾ گل ايئن لـڳي ٿـو،
آپ ۾ ڇڻ ڪو تارو ڪڙي پيو،
تو جو منهن ڪي ڇپايو ڇڻ ٿـو،
ڏونـگر پويـان سنج لـڙي پيو.

او سانوري او بانوري!

هن سنسار جي سونهن کي گوهي،
قدرت توکي ناهيو هوندو!
۽ پوءِ تنهنجي سندر سوپيا تي،
قدرت پي شعر ڇيو ڪو هوندو!

او سانوري او بانوري!

مان توکي چونـ نمان او پياري،
تون پيار جـي امـر ديوي آن،
مان تنهنجي من مهٽي مڪڙي تان،
هڪ وار ٿـ ڇا سئو وار مران،

او سانوري او بانوري!

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعراڈو نثر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان سوچيان ٿو

مون ڏٺو تہ سقراط کِلي رهيو هو، کلڻ جو سبب پڇيومانس. چيائين، "تو منهنجي اها چوٽي پٽي آهي تہ 'منهنجو اُستاد بيوقوف آهي'."

ورائيم، "ها پٽي اٿم. پر اُن ۾ کلڻ جي کڻڙي گالهہ آهي؟"

جواب ڏنائين، "ماڻهو اڄ کلهہ مونکي بيوقوف سمجهڻ لڳا آهن، انهي ڪري ڪل ٿي اڇيم."

✪

تنهنجو وڏو ۽ ديرکيل پيٽ ڏسي، مونکي تنهنجي ۾ رهندڙ، اُهو هڏاڻون پڇرو انسان ياد ٿو اچي، جنهن جو پيٽ هاڻي آندن سان وڃي لڳو آهي.

لڳيم ٿو اُنجو پيٽ تو ۾ هليو ويو آهي.

✪

تنهنجو پيار مٺ ۾ ملميل اُهو زهر آهي، جيڪو پيٽي سو ڦٽڪي مرڻ ۽ جيڪو نہ پيٽي سو اُڄ مري.

✪

هن مونکي چيو، "آءٌ توکي ڪونہ سڃاڻان."

مون چيو، "انهي ڪري تہ آءٌ وڙهان پيو."

✪

اورنگزيب راڳ جو ويري هو. انهي ڪري نہ تہ ڪو راڳ هنکي ڪونہ ٿي وڻيو. پر انهي ڪري، جو هن چاتو ٿي تہ سندس عقيدو راڳ مندر ۾ مات کائي ويندو.

✪

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"منهنجو موت؟"

جڏهن تون مونکي پڙهڻ ڇڏي ڏيندين."



مايوسي گناهه نه پر بزدلي آهي.



جيڪو وقت کان اڳ پيدا ٿئي ۽ وقت کان پوءِ (ايندڙ وقت) جون گهالهيون ڪري، اُنکي فيلسوف چئبو آهي.



رات، جنهن کان تون ۽ مان نفرت ڪريون ٿا، رات، جنهن کي ظلم جي علامت طور استعمال ڪيو ويندو آهي. پر چا تو اهو راز سڀيو آهي ته آپ ۾ تارا رات جو ڪڙن ٿا؟



تون مونکي پاڳل ٿو ڪوئين. اهو چاڻڻ جي باوجود به ته مان پاڳل ڪتي جو ڪائيل آهيان ـ حيف اٿئي.




تو ڪڏهن ٿاڪ منجهند جي سورج سان اکيون ملايون آهن؟ پڌ ـ مان ٿاڪ منجهند جي سورج سان اکيون ملائيندو آهيان ۽ ڪرڙا جهٽيندو آهيان ـ ۽ پوءِ ـ جتي روشني ناهي، اوندهه انڌڪار آهي، اُهي ڪرڙا پلٽي ڇڏيندو آهيان. مان جنهن جنهن کان ائين ڪندو آيو آهيان ۽ تيستائين ڪندو رهندس، جيستائين سڄي سنسار مان اوندهه انڌڪار ختم ٿي نٿي وڃي.



آرسي ۾ پنهنجو پيٽو پل ڏسي بانور نه ڪر.



منهنجي اڻپوري واڻي، جيڪا نامڪمل هوندي به مڪمل آهي "سُر مان سرجيو سارو سنسار."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سون جي دڪان تي،

متئين طبقي جو ماڻهو:- "مان هي سون گهڻو ٿو."

وچئين طبقي جو ماڻهو:- "آءٌ هي سون گهڻ چاهيانٿو پر ....."

هيٺئين طبقي جو ماڻهو:- "آءٌ هي سون ڦرڻ چاهيانٿو."

مستقبل جو انسان:- "اچو ته سون ورهايون جيئن جڳ ۾ جهيڙو ئي نه رهي."



سر سونهن ۽ سچائي، سدائين جواڻ ۽ جمال ٿئي. آنکي ٻڌاپو اچي ئي ڪاڻ.



او ڪامڻي! منهنجي دنيا ۾ ائين هلي آ- جيئن سپنن ۾ آئي هوئين ته جيئن، منهنجي ڪوتا مڪمل ٿي وڃي.



شاهه لطيف ۽ شيخ اياز، مونکي هڪڙي ماءُ جا ٻه جاڙا پٽ لڳندا آهن.



ڪنهنجي سپنن جو گهاٽ نه ٿي. هنجا سپنا ٻه تنهنجي سپنن جيترا ئي سندر آهن.

او يسوع مسيح! مان تو وٽ ڏوهاري آهيان، مون ۾ ته ٻين سان گڏجي توکي پٿر هنيا هئا.



حويلي ۾ ويٺل عورت چيو، "مونکان رندي ٻ ڪيڏي نه خوشقسمت آهي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او ڪائٽر! تنهنجي زندگي به موت ۽ منهنجو موت به نئين زندگي آهي.



بکئي مالدار کي چيو ، "تون جيڪڏهن مون کي مانيءَ ڪيو ڪارائين ته مان توکي پنهنجي حصي ۾ آيل جنت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

ميران جو گرڏر مان آهيان.

او اجنبي! درياهه ۾ لڙهندڙ لاشا ڏسي، حيرت نه ڪاءُ. تون شايد هن ديس جي ريتن کان گهٽ واقف ٿو ڏسجين، هي ڪارو ڪاري اٿئي. جڏهن به چند پنهنجي چانڊاڻ سان سنسار ۾ سونهن اوتي چڏيندو آهي ته ــ به دليون ڪپڙن جي اوٽ ۾ اڇي پيار وندينديون آهن ۽ پوءِ ان جي عيوض ڪهاڙين جو بک ٽي درياهه ۾ لوڙهيون ويندينون آهن.

صديون گذري ويون آهن، پر چند جي چانڊاڻ سان، هي ڪاري ڪاري جو رشتو جيئن پوءِ تيئن اڻ ٽٽ ٿيندو وڃي.

هو رڙيون ڪري رهيو هو. هن جو پيٽ وڃي آندن سان لڳو هو. ساڏو هن جي اندر ۾ گيان اوتي رهيو هو. مون ڏٺو ، هو پوءِ به رڙيون ڪري رهيو هو. هو ڏن ڏينهن کان بکايل جو هو.

تون چوين ٿو ته اوندهه انسان کان سڀ ڪجهه کسيو ويو. "هاءِ ــ ميان ٿو. پر ائين به ناهي. اوندهه ۾ گهٽو گهاڙ کان پوءِ انسان اوندهه ۾ به ڏسڻ لڳندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او سرجٹھار! تون جيڪڏهن منهنجي جوڙيل دنيا ڏسين ته هوند توکي به اُن ۾ رهڻ جـي خواهش پيدا ٿي پـوي ۽ پنهنجي جوڙيل دنيا کي تڇ سمجهين ۽ اُن کان نفرت ڪرڻ لڳين.



او وينگس! پنهنجي لـڙڪن ۾ڳل چولـي سان منهنجي سامهون ٿي ويهه. مان توکي پنهنجي ڪوتا ۾ سموڻ ٿو چاهيان.



رندي جي حسرت: "مون کي به ڪو زال ڪري ڪوٺي!"



خـون ٿيو، رت وهيو، انسانيت لڇي ۽ ڦٽڪي رهي هئي. پريان لائوڊ اسپيڪر مان ڪوئي ٻڪي رهيو هو "سڀ انسان پاڻ ۾ ڀائر آهن."

جي سڀ انسان پاڻ ۾ ڀائر آهن ته پوءِ هي خون ڪنهن ڪيو هو؟



'ڪوئي تو هو جو ميرا وحشتون مين ساڻي هو.' ائين ٿو لڳيم ته ڇڻ هي شعر افتخار عارف نه پر مون چيو آهي.



اُگهاڙي ۽ ٽوٽ ڌرتي تي ويٺلو! مان تـوهان سان ڀيو ڳالهايان. ڇا توهان کي خبر آهي ته ڪرسي جو موجد فرعون آهي؟ ۽ اُن ئي وقت کان هو ڪرسي تي قابض آهي—

اچو ته توهان کي هڪڙي راز جي ڳالهه ٻڌايان! ڪرسي جو بنياد چمڙ ٽنگڻ تي هونـدو آهي. توهان جا هٿ جيڪي ڪارائين مثل آهن، جي حرڪت ۾ اچن ته ڪرسي اچي پٽ تي پوندي ۽ ڪوبه توهان کان مٿاهون ويهي توهان تي حڪم هلائي نه سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان جڏهن فطرت جي گڇهن کان واقف ڪونہ هئس تڏهن سمجهندو هوس تہ سڀ ڪجهہ ٺون آهين.

۽ هاڻ ــ جڏهن مان سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿو، تڏهن سمجهاڻو تہ ٺون ڪجهہ بہ ناهين.



هن لهندڙ سج ڏانهن منهنجو ڏيان ڇڪايو. مون چيو:

"جڏهن هن ڏرتي جا ماڻهو، ٽاڪ منجهند جي سج سان اکيون اکين ۾ ملائڻ سکندا، تڏهن پڪ ڄاڻ تہ جهرن جهنگن، ڪيتن ٻنين، گوٺن ۽ واهڻن ۾ انقلاب اچي ويندو.



بزدلي ۽ ڪائڙتا کان چريائپڻو بهتر آهي.

مون چند ۽ چڪور جي پيار تي گهڻو ڪجهہ سوچيو آهي. ڪير ڪٽي اُن رشتي کي ڪيڏو بہ اوچو سمجهي ۽ انهي پيار کي امر چوي. پر آءٌ اهڙو پيار نٿو ڪري سگهان. ڇو جو مان ڄاڻانٿو تہ اهڙي پيار مان ڪجهہ بہ حاصل ٿيڻو ناهي. اهڙي پيار جا بنياد جهالپت تي اڏيل آهن ۽ اهڙو پيار فقط جاهل ٿي ڪري سگهن ٿا ۽ مان جاهل قطعي ناهيان.



"منهنجي وڏي ۾ وڏي خوشي؟"

"جڏهن تو ۾ مون جهڙو فنڪار جنم ورتي."



گل اُنهن تي چاڙهيا آهن، جن ۾ پنهنجي سڳنڌ ناهي هوندي ۽ جيئن ئي اُهي گل ڪومائيا آهن، تيئن سندن نالو بہ قبر داخل ٿي ويندو آهي.

تنهنڪري او منهنجا محبوب! منهنجي قبر تي گل نہ چاڙهجانءِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھگھہ اونداهي ۾ ڪپڙن ۾ هجين يا اُگهاڙو ـ فرق نٿو پوي.

ڪير به جڏهن سچ کي بندوق ڏيکاريندو آهي تہ مان ڪلي ڏينڈو آهيان.

بزرگ! مونکي تنهنجي نصيحت جي ضرورت ناهي مون ککر ۾ ڪڙو چاٽي واٽي پوء هنيو آهي.



ڪوي رنڊي جي هنج ۾ ٻالڪ ڏسي پڇيو "هنجو پيءُ ڪير آهي؟"

رنڊي وراڻيو، "ڪوي! عيسيٰ کي ڪوبہ پيءُ ناهي هوندو."

ڪوي چيو "مريم اڻين نہ چئو هنجو پيءُ مان آهيان."

او جهانگي! ڏور پٽن ۾ هو اجنبي جو گيت جهونگاري رهيو آهي، جيڪر اُنکي چاٽي وڃين تہ پنهنجي مهانتا ۾ پڪ ٿي وڃئي.



زاهد! مونکي مئڪدي وڃڻ کان نہ روڪ، هي بابهين جو گهر ڪونهي.

هي جا شفق جي گاڙهاڻ ڏسين، ٿو سا شفق جي گاڙهاڻ نہ پر ڪنهن سندري جا ميندي رتا هٿڙا اٿئي. آءٌ انهن هٿن ۾ خنجر ڏيڻ آيو آهيان.

پٽائي چيو هو تہ "مون جا ڪني چاڙهي آهي، اُنجو ڏيکڻ سچل لاهيندو."

مون اُنهي ڪني جو پت ورهايو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون ڪان پڇين لوڏ:
باجي جالڻ ٻيٽ ڪيئن لوڏ؟

ڪان ٻڌائيندو:
سمنڊ ڪان پڇي چوندو آپريئن؟
جبل ڪان پڇي چوندو جمڪين؟
بادل ڪان پڇي چوندو برسين؟
گل ڪان پڇي چوندو مهڪين؟

جي جو فطرت ڪان مجبور،
ڪاپي فطرت ڪان مجبور،
جنهنجي هلڪ جاڙو سانگي،
اڻ اڳڙا ڏڪيا گهانگي،
جن جو ڪوئي ناهي واڻي،
اڇوٽو اوٽا اوندي داڻي.

لوڏ ٻڌائين لوڏ!
باجي جالڻ ٻيٽ ڪيئن لوڏ؟
باجي جالڻ ٻيٽ ڪيئن لوڏ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آساني سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book